SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1978

# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1978

# سنڌ سمال انڊسٽريز ۽ هينڊي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن (ترميم) آرڊيننس، 1978

# THE SINDH SMALL INDUSTRIES AND HANDICRAFTS DEVELOPMENT CORPORATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of section 5 of Sindh Act XXVI of 1972

3. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 7 جي ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Act XXVI of 1972

## 4. كنيل قدمن جي توثيق

Validation of actions taken

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1978

# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1978

# سنڌ سمال انڊسٽريز ۽ هينڊي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن (ترميم) آرڊيننس، 1978

# THE SINDH SMALL INDUSTRIES AND HANDICRAFTS DEVELOPMENT CORPORATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

[21 جون 1978]

سنڌ سمال انڊسٽريز ۽ هينڊي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم جو آرڊيننس

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سمال انڊسٽريز ۽ هينڊي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي

آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سمال انڊسٽريز ۽ هينڊي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن (ترميم) آرڊيننس، 1978 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of section 5 of Sindh Act XXVI of 1972

2. سنڌ سمال انڊسٽريز ۽ هينڊي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 ۾، جنهن کي بعد ۾ بہ ڄاڻايل ايڪٽ چيو ويندو ان جي دفعہ 5 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(1) بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

| | | |
|---|---|---|
| (a) | سيڪريٽري انچارج انڊسٽريز اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ | چيئرمين |
| (b) | سيڪريٽري، فنانس ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ | ميمبر |
| (c) | ڪارپوريشن جو مئنيجنگ | ميمبر |

| | | |
|---|---|---|
| | ڊائريڪٽر | |
| (d) | پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ جو هڪ نمائندو، جيڪو ڊپٽي سيڪريٽري جي رينڪ کان گهٽ نہ هجي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊولپمينٽ) طرفان نامزد ڪيو ويندو. | ميمبر |
| (e) | انڊسٽريل سيڪٽر سان ڊيل ڪندڙ آل پاڪستان وومينس ايسوسيئيشن جو هڪ نمائندو | ميمبر |
| (f) | انڊسٽريل ڊولپمينٽ بئنڪ آف پاڪستان، ايڪسپورٽ پروموشن بيورو، حڪومت پاڪستان ۽ ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان هر هڪ مان هڪ نمائندو | ميمبر |
| (g) | سنڌ صوبي جي نمائندگي ڪندڙ فيڊريشن آف دي چيمبرس آف ڪامرس جا ٻہ ميمبر | ميمبرز"؛ |

(ii) ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظ ۽ ڪاما "ڊائريڪٽر، سمال

انڊسٽريز اينڊ ڊولپمينٽ ڪارپوريشن" ڪي لفظن "مئنيجنگ ڊائريڪٽر آف دي ڪارپوريشن" سان متبادل بڻايو ويندو.

1972 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 7 جي ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Act XXVI of 1972

3. جاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 7 ۾، ڪامائون ۾ لفظ "ان ميمبر ڪانسواءِ جيڪو صوبائي اسيمبلي جو ميمبر آهي،" ختم ڪيا ويندا.

ڪنيل قدمن جي توثيق

Validation of actions taken

4. سنڌ سمال انڊسٽريز ۽ هينڊي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 تحت بورڊ جا اختيار ۽ ڪم جيڪي هن آرڊيننس جي نافذ ٿيڻ کان اڳ سيڪريٽري انچارج آف دي انڊسٽريز اينڊ منرل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ طرفان استعمال ڪيا ويندا هئا، جيڪڏهن جاڻايل ايڪٽ سان متضاد نہ هجن، اهي ڪارگر سمجهيا ويندا، جيئن صورتحال هجي، بورڊ طرفان ڪيل سمجهيا ويندا.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**